عرفان احمد ميمڻ

# انگريزن جي دور ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ناولن جو تنقيدي جائزو


***Abstract:***

**A critical study of Novels translated from English to Sindhi in the British Era**

*The Sindhi literature is a great by all means. It has very rich historical background. From the primitive era to the present period; Sindhi literature has described the feelings and social conditions of a common man. The Present Alphabet of Sindhi language was formed during British era in 1853. In true sense the Sindhi prose achieved a great growth during this era. Sindhi Novel was also started during the last decades of 19$^{th}$ century. It was started with the translation from English to Sindhi. After that the original Novels were written in the Sindhi language. Mirza Qaleech Baig was the First Novelist who started to write the original Novels in Sindhi.*

*In this research article I have tried to explore the historical Back ground of the Sindhi novels with the special reference to the novels of British era in Sindh.*


**انگريزن،** ٽالپرن کان ١٨٤٣ع شڪست ڏيئي، سنڌ تي والار ڪئي. سنڌ جي حڪومت حاصل ڪئي. هنن پنهنجون پاليسيون متعارف ڪرايون ۽ هن خطي ۾ نئين طرز جي حڪومت جو بنياد وڌو. انگريز مڪاني ۽ حڪمراني ٻوليءَ ۾ درپيش مسئلن ۽ مشڪلاتن کي اپرندي ڏسي رهيا هئا ۽ انهيءَ صورتحال جي پيش نظر ماضيءَ جي ڏيهي ۽ پرڏيهي حڪمرانن جي ابتڙ ٻولين ۾ هم آهنگي آڻڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي. ١٨٤٧ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان گڏايو ويو، جنهن ڪري انتظام سنڌ ڪمشنر جي هٿ هيٺ اچي ويو. سنڌ جو پهريون ڪمشنر 'آر- ڪي پرنگل' سول سروس جو عملدار هو، هن صاحب کي عوامي، دفتري ۽ تعليمي ٻوليءَ جي متعلق





گهٽائي معاملا ۽ مسئلا پيش آيا. جن بابت هن بمبئي پريزيڊنسيءَ جي اعليٰ عملدار کي آگاهه ڪيو. ١٨٤٨ع ۾ بمبئي جي گورنر جارج ڪلرڪ واضح طور تي اعلان ڪيو ته سنڌ ۾ سرڪاري ٻولي مقامي يعني سنڌي هوندي ۽ سمورن آفيسرن کي سخت هدايت ڪئي ته اهي جلد کان جلد سنڌي ٻولي سکي وٺن.

انهيءَ جي باري ۾ حڪم نامو پڻ پڌرو ڪيائين، هن حڪم نامي جي متعلق پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته: "١٨٤٨ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر سر جارج ڪلرڪ هڪ حڪم نامو ڪڍيو، جنهن ۾ چاٽايل هو ته سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ٻولي بڻايو وڃي."(١)

ان حڪم نامي تي ڪم ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳ سنڌي صورتخطي جو مسئلو درپيش هو، ڇاڪاڻ ته عربن جي آمد کان اڳ ديوناگري صورتخطي ۽ عربن کان پوءِ عربي صورتخطي رائج ٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لک پڙهه ٻنهي صورتخطين ۾ ٿيندي هئي.

اهڙي صورتحال جي پيش نظر سنڌ جي ٻئي ڪمشنر سر بارٽل فريئر ١٨٥١ع ۾ سنڌ جي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايلس جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي ۽ ١٨٥٣ع ۾ ڪاميٽيءَ پاران عربي صورتخطي کي رائج ڪيو ويو ۽ موجوده ٥٢ اکرن واري صورتخطي ڏني وئي.

جڏهن موجوده صورتخطي جڙي راس ٿي، ته ڪتابن لکجڻ ۽ شايع ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿيو. ناول نگاريءَ جي باقاعده ابتدا پڻ هن دؤر ۾ ٿي. انگريزن جي هر عمل جي پس منظر جي پويان ڪو نه ڪو مقصد ضرور هوندو هو، جنهن جي عيوض هو پنهنجا مقصد ماڻيندا هئا. سنڌي ناول جي اوسر ۾ 'سڌاتورو ۽ ڪڌاتورو' ۽ 'ٻنهي زميندار جي ڳالهه' انگريزن جي سوچ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ترجمو ڪيا ويا. جن جو موضوع بہ حڪومت جي خاص سياسي مقصد وارو هو، ته سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن کي ڪنهن نموني سان پنهنجي طبع ۽ اثر رسوخ قائم ڪرڻ جي لاءِ ڪين ذهن نشين ڪرائجي ته حڪومت سان وفاداري ۾ ئي سندن ۽ ڀلو آهي جڻ ته اهي ٻئي ڪتاب يا داستان ۽ قصا سنڌ سان لاڳاپيل لوڪن جي لاءِ تبليغ جا داستان هئا. انگريزن پنهنجن مقصدي پهلوئن، ۽ سوچ کي واضح طور عام تائين پهچايو.

حاڪم قومن جي محڪوم قومن جي لاءِ حڪمت عملي کي مختيار احمد

ملاح هن ريت واضح ڪري ٿو ته، ”انگريزن به هتان جي عوام کي سمجهائڻ لاءِ اهڙو ادب تخليق ڪرايو، جنهن سان شهنشايت جو پرچار ٿئي، ان ڏس ۾ هنن ڪيترائي قصا ترجمو ڪرايا، جن ۾ اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ چاهي ته سنڌ وارن تي هنن زوري حڪومت نه آندي آهي، بلڪ قدرت سندن ڀلي لاءِ هنن کي موڪليو آهي، ان ڏس ۾ سيد ميران محمد شاهه اول جو 'سڏاتورو ۽ ڪڏاتورو' (۱۸۵۳ع) ۽ غلام حسين قريشي جو ترجمو 'ڀنيي زميندار جي ڳالهه' (۱۸۵۴ع) وغيره ترجما ڪرايا.“[۲]

سنڌي ٻوليءَ ۾ ناول جي صنف انگريزي ادب کان آئي آهي ۽ انهيءَ جي پيش نظر انگريزي ۽ ٻين مختلف ٻولين جا ناول سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا، وقت گذرڻ سان گڏ ناول جي فن ۽ موضوعن ۾ نواڻ ۽ ترقي ٿيندي رهي. انهن ڳالهين جي مد نظر ناول کي ٽن دورن ۾ ورهايو وڃي ٿو. پهريون دور ۱۸۷۰ع کان ۱۹۱۲ع تائين، ٻيو دور ۱۹۱۳ع کان ۱۹۳۰ع تائين ۽ ٽيون دور ۱۹۳۱ع کان ۱۹۴۷ع تائين آهي. انهن دورن جي ذريعي ناول جي فن جي واڌ ويجهه ۽ بدلجندڙ حالتن جي پيش نظر موضوعاتي تبديلين جي چڱي طرح ڄاڻ ملي ٿي.

**پهريون دور: (۱۸۷۰ع کان ۱۹۱۲ع تائين)**

ناول جي پهرين دور ۾ انگريزي ٻوليءَ جو ناول 'راسيلاس' (Rasselass) جيڪو ڊاڪٽر سيموئل جانسن جو لکيل هو، جنهن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ديوان اُڌارام ٿانورداس ۽ ساڌو نوولراءِ ۱۸۷۰ع ۾ ساڳئي نالي سان ڪيو. هن ناول جي ڪهاڻي، حبش جي شهزادي راسيلاس ۽ سندس ڀيڻ نيڪايا تي ٻڌل آهي، جيڪي سائنسدان عملاڪ جي مدد سان دنيا جي هنڌائڻ جي حصول لاءِ ۽ انسان ذات جي سُک جي ڳولا لاءِ محل کان ٻاهر نڪرن ٿا، جنهن ۾ اڳتي هلي اهو به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي وئي آهي ته يورپ جا ماڻهو سموري جهان ۾ ذهين ۽ بهادر آهن.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ 'راسيلاس' ناول جي متعلق لکي ٿو ته، ”هن ناول ۾ مٿين اعليٰ خيالن ۽ دانائي جي قولن ۽ دنيوي آزمودن کانسواءِ مسلمانن جي خلاف ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ مسلمانن کي انگريزي قوم کان گهٽ عقل وارو ٻڌايو ويو آهي، ۽ هر هنڌ انگريز قوم کي بهادر ۽ عقلمند ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.“[۳]





راسيلاس ناول کان پوءِ اٽڪل ڏهه سالن جي دوران ڪو به ناول ترجمو يا تحرير ڪونه ڪيو ويو، البت ۱۸۸۰ع ۾ مرزا قليچ بيگ قديم ايران جي تاريخ تان ورتل قصو 'رستم پهلوان' تحرير لکيو، جنهن جو قصو ته ايران جي تاريخي شخصيت جي متعلق هو پر منجهس ڪيترائي لکيل ٽڪرا فردوسي جي 'شاهنامه' تان اکر به اکر ترجمو ڪيل هئا.

مرزا قليچ جي مٿين قصي کانپوءِ سنڌي ناول ۾ اٺن سالن جي لاءِ ماٺار اچي وئي، جنهن بعد ۱۸۸۸ع ۾ انهيءَ ماٺار ۾ مرزا قليچ بيگ هلچل پيدا ڪئي، سنڌي ٻوليءَ ۾ مرزا قليچ بيگ پهريون طبعزاد ناول 'دلارام' تحرير ڪيو، اهو ناول جي جديد ٽيڪنيڪ جي مطابق ته نه آهي، پر جديد ناول جي پهرين وک جي صورت ۾ تسليم ڪيو وڃي ٿو، ان ۾ پيش آيل ڪهاڻي قديم بادشاهي قصي تي ٻڌل آهي ۽ مافوق الفطرت ڳالهيون پڻ شامل ڪيون ويون آهن. هن ناول ۾ اخلاقي ۽ رومانوي رمزن کي سهڻي ۽ موثر انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

هن ناول جي متعلق ليکڪ پاڻ دلارام جي ديباچي ۾ لکيو آهي ته، ”پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض ته هيءُ هڪڙو نئون قصو خيالي سٽيل آهي، پنهنجي دلئون جوڙيل آهي، ڪنهن ٻئي ڪتاب تان ورتل نه آهي، هن ۾ ڪا ڪوڙي آڪاڻي يا نه ٽيڻ جهڙي ڳالهه پيل نه آهي، نڪو منجهس ديو، نڪو پري آهي، رواجي اتفاق ۽ دنيا ئي وهنوار ۽ هلت چلت جو منجهس ذڪر اچي ٿو، ۽ نڪي بدي ڪرڻ مان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، سي چڱيءَ طرح منجهس ڏيکاريل آهن. پڇاڙيءَ ۾ هڪڙي ننڍڙي نصيحت به ڏني وئي آهي اهو قصو سليس عبارت، عام اصطلاحن ۽ مختصر لفظن ۾ ڏنو ويو آهي ته سٽت پڙهندڙن کي دلنشين ٿي وڃي.“[۴]

مرزا قليچ بيگ پهريون ناول نويس هو، جنهن ناول جي جديد ٽيڪنيڪي تقاضن جي تحت ٻيو اصلوڪو ناول 'زينت' (۱۸۹۰ع) ۾ تحرير ڪيو. جيڪو سنڌي ناول نويسيءَ ۾ پهريون جديد ٽيڪنيڪي تقاضن جي بنياد تي اصلوڪو، حقيقت نگاري ۽ سماجي مسئلن بابت ناول ليکيو وڃي ٿو.

منگهارام ملڪاڻي، زينت ناول جي باري ۾ پنهنجي راءِ پيش ڪندي لکي ٿي ته، ”مرزا صاحب، جو ناول نويسيءَ ۾ حقيقت نگاري (Realism) جو اصول پڌرو ٿو ٿئي، زينت جي پهرين اڌ ۾ هڪ سنڌي مسلم ڪٽنب جي زندگي ۽ اُن جي ڀاتين جو،

جمڻ کان مرڻ تائين تفصيل وار چٽ، اهڙو تہ وفاداريءَ سان چٽيل آهي، جو ڏاريو لڳي ئي نٿو، ناول جي سورمي ’زينت‘ ، صورت توڙي سيرت ۾ زال ذات جو اهڙو تہ شاندار مثال آهي جو هيءُ آڳاٽو ناول سنڌي ادب جي بي بها ڳهڻو ٿي پيو آهي.“(۵)

سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ ٻيو ترجمو ڪيل ناول ٽيلسمين (Talisman)آهي. هي ناول جڳ مشهور ناول نگار سر والٽر اسڪاٽ جو تحرير ڪيل آهي، جيڪو ۱۸۹۱ع تي ساڌو هيرانند، اڌ ترجمو ڪري سرسوتي مخزن ۾ شايع ڪرايو، پر سندس اوچتي ديهانت جي ڪارڻ سندس اڌورو ڪم ڪاڪي پيرومل ۱۹۲۷ع تي ٺيٺ سنڌيءَ ۾ مڪمل ترجمو ڪري ڇپرايو.

۱۸۹۲ع ۾ ديوان پريتم داس حقيقت نگاري تي ٻڌل ’عجيب پيٽ‘ ناول تحرير ڪيو. ان ناول کي زينت کان پوءِ ٻيو نمبر حقيقت نگاري وارو سماجي ناول قبول ڪيو وڃي ٿو.

لعلچند امر ڏني مل جو اصلوڪو ناول ’چوٽ جو چنڊ يا پرم جي پلائي‘ جو ۱۹۰۵ع ۾ سرسوتي مخزن ۾ شايع ٿيو. اهو ناول جنسياتي موضوع تي ٻڌل هو. ان ناول کي سنڌي ناول جي صنف ۾ پهريون جنسياتي ناول چئي سگهي ٿو.

پيرومل مهرچند (۱۹۱۰ع) ۾ ’آنند سندريڪا‘ ناول تحرير ڪيو، جنهن ۾ هن هندو معاشري ۾ اپرندڙ غمگير تائن کي خوبصورت انداز ۾ وائکو ڪيو آهي. ساڳئي سال مکي سيرو مل ساگراٽي اناويهن پاڱن ۾ هڪ وڏي ناول جو سلسلو شروع ڪيو. هن ناول جو نالو ’هر دل لذيذ عرف چندر شابا سنتي‘ هي ناول هندي ناولن تان ترجمو ڪيو ويو جيڪو اصل ۾ نندلال کتري جو لکيل هو، هي ناول قديم داستانن جي طرز تي لکيو ويو ۽ سندس موضوع بہ انهن جهڙو آهي. هن ناول ۾ طلسمي واقعا ۽ عياري جون ڳالهيون بيان ڪيل آهن. مکي سيرومل انهيءَ ڪهاڻي جي تسلسل کي قائم ڪندي هڪ ٻيو ناول ’پوتنات جي جيوني‘ جي عنوان سان لکيو. هن سلسلي جا ڪل چوويهہ پاڱا شايع ٿيا، هن ناول جو موضوع پهرين ناول جهڙو آهي. ساڳئي قسم جو ٽيون سلسلو بہ شروع ٿيو، جنهن جا ڪل ۴۵ پاڱا شايع ٿيا. جنهن جو عنوان ’چندر ڪانتا ۽ سندس پنڪڙيون‘ هو، هن سلسلي کي شايع ڪندڙ هريسنگ هو ساڳئي پبليشر استار آف منگريليا جو ترجمو بنام ’ستاري منگريليا‘ ڪيو.

۱۹۱۱ع ۾ مرزا قليچ بيگ مشهور جرمن عالم ڪوستاف وان شلڊ جو تحرير



Kalachi Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل

ڪيل ناول Basket of Flowersجو ’گلن جي ٽوڪري‘ جي نالي سان بهترين ۽ انوکي انداز ۾ ترجمو ڪيو. حاجي بابا اصفحاني، موريئر (Morier)جي ايراني زندگي تي ٻڌل شخصي ناول ساڳئي سال تي ترجمو ڪيو. ۱۹۱۱ع ۾ مرزا قليچ بيگ، ڪانن ڊائل Conen) (Doyle جي جاسوسي ناول شرلاڪ هومز (Sherlock homes)جو ’شرلاڪ هومز جا عجيب غريب ڪم‘ جي نالي سان ترجمو ڪيو شرلاڪ هومز سموري جهان ۾ مشهور جاسوسي ڪردار هو.

۱۹۱۲ع ڌاري نانڪرام ڌرمداس مشهور فرانسيسي ناول نويس اليگزينڊر ڊومانس جو ناول Count of Mont Crists dumosجو اختصار سان ’حسد جي هاڃ‘ نالي ننڍي ناول ۾ پنهنجي موزون عبارت ۾ ترجمو ڪيو. نانڪرام ٻيو ناول ’لٺ تان پٽ تي‘ پڻ تحرير ڪيو، جو مشهور ڪتاب From log cabin to white houseتان ورتل هو ۽ مشهور آمريڪي صدر جارج واشنگٽن جي سوانح حيات جي پس منظر ۾ لکيل هو. مرزا قليچ بيگ ’راحيل‘ ناول ترجمو ڪيو. ۱۹۱۲ع ۾ ’راجڪماري پنا‘ ۽ ’فيروز شاهہ‘ مسٽر هريسنگ سکر واري شايع ڪيو، ’راڻي جي ٻانهہ ۽ ورڌاتا جو انگ‘ مسٽر دوراڪا داس شايع ڪيو.

۱۹۱۳ع تي مرزا قليچ بيگ انگريزي ناول نويسن Deon Frederie William farror، ’ايرڪ‘ ۽ ’جولئن هوم‘ جي ناولن جو بهتر انداز ۾ ترجمو ڪيو. پهريون ناول گهر، اسڪول ۽ ڪاليج جي پس منظر ۾ تحرير ڪيل آهي ۽ ٻيو ۽ ٽيون ناول اسڪول ۽ گهر جي داستان تي ٻڌل آهي.

### ٻيو دور: (۱۹۱۳ع کان ۱۹۳۰ع تائين)

سنڌي ناول نويسيءَ جو ٻيو دور نئين اُمنگن، نواڻ، جدت ۽ مختلف لاڙن ۽ رجحانن کي جنم ڏئي ٿو. انهيءَ جي اثر تحت سماج جون اهي سموريون وارتائون نروار ۽ عيان ٿين ٿيون، جن کي بااثر ناول نويسن پنهنجن، جذبن، احساسن ۽ فڪر جي گهرائي سان ناول نويسيءَ جي روپ ۾ ظاهر ڪيو. ان دور جو پهريون ناول ’زنوبيہ‘ ۱۹۱۴ع ۾ مرزا قليچ بيگ تحرير ڪيو، جنهن ۾ هن مشهور مشرقي راڻي جي شخصيت ۽ تاريخي پهلوئن کي اجاگر ڪيو آهي.

ناول جي ٻئي دور ۾ ناول جي موضوعن ۽ فن ۾ نواڻ ۽ جدت جا رستا هموار

ٿيڻ لڳا نوان موضوع پنهنجي فن ۽ فڪر سان پيش ٿيڻ لڳا جنهن جي ڪارڻ ناول پڙهندڙن جي شوق ۽ ذوق ۾ اضافو پڻ ٿيڻ لڳو. اهڙن دلچسپ ۽ اچرج ۾ وجهندڙ موضوعن ۾ جاسوسي ناول نمايان رهيا. ان قسم جي ناول جي ابتدا خوشرام ريٽالڊ ڪئي.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ جاسوسي ناول جي ابتدا جي باري ۾ لکي ٿو ته، "۱۹۱۴ع ۾ سنڌي زبان جي ناولن ۾ هڪ وڏيڪ موضوع تي ناول لکجڻ شروع ٿيا، اهو موضوع جاسوسي ناولن جو هو، جيئن ته هن قسم جا ناول انگريزي زبان ۾ انهي وقت عام هوندا هئا، تنهن ڪري هتي به انهن جي ابتدا ٿي ۽ هن موضوع تي طبع آزمائي ڪئي ويئي، هن قسم جا ناول پهريائين انگريزي ناولن تان ترجمو ڪيا ويا، هن قسم جي ناولن کي ترجمو ڪرڻ جو سهرو 'خوشيرام ريٽالڊ' جي سر تي آهي، هن پهريائين جاسوسي ناول 'جوزف ولٽ' ۽ 'ميري پرائين' ترجمو ڪيا، انهن ناولن کان پوءِ جاسوسي ناول لکڻ جو سلسلو زور وٺندو ويو."(٦)

۱۹۱۵ع ۾ پيرومل مهرچند اصلوڪو ۽ سماجي حقيقت نگاري تي ٻڌل ناول 'وريل نعمت' تحرير ڪيو، جيڪو مسلمان گهراڻي سان تعلق رکندڙ جاسوسي نوعيت جو ناول هو.

۱۹۱۵ع ۾ ويرومل هيمون مل ملاڻي گجراتي ناول 'گنگا جو ڪٽنب' ترجمو ڪيو، هن ناول ۾ گجراتي گهراڻي جي داستان کي حقيقت نگاري جي روپ ۾ نروار ڪيو ويو. جيئن ته هن ناول ۾ مدي خارج ريتن رسمن ۽ زالن جي تعليم جي متعلق رايا پيش ڪيا ويا آهن. هن سال جو اهم ۽ ناياب تاريخي ناول 'نورجهان' هو، جيڪو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي تحرير ڪيو، جيڪو هڪ انوکو ناول شمار ڪيو وڃي ٿو. چاڪاڻ ته ڊاڪٽر گربخشاڻي، ننڍي ڪنڊ جي تاريخي ڪردارن کي ناول جي روپ ۾ منفرد ۽ دلچسپ انداز ۾ تحرير ڪيو آهي.

ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ هن ناول جي متعلق لکي ٿو ته، "ناول جي ڪهاڻي جو پلاٽ مغل گهراڻي جي شهنشاهه جهانگير ۽ سندس راڻي نورجهان جي محبت تي رکيل آهي، ادبي لحاظ کان سنڌي زبان جو هي هڪ مثالي تاريخي ناول آهي."(۷)

۱۹۱۷ع ۾ پيرومل مهرچند، 'موهني ٻائي' ناول تحرير ڪيو، جيڪو سندس ۱۹۱۰ع ۾ تحرير ڪيل ناول جو تسلسل هو، ٻنهي ناولن ۾ هندو گهراڻي ۾ اڀرندڙ مسئلن،





سماج جي مدي خارج ريتن رسمن، عورتن کي بنيادي حقن کان محروم رکڻ وارن مسئلن کي منفرد انداز ۾ وائکو ڪيو ويو آهي.

مرزا قليچ بيگ نصيحت آميز، تاريخي، اخلاقي ۽ سماجي ناولن سان گڏوگڏ انسانن جي جذبن ۽ اُمنگن کي اڀارڻ جي لاءِ پرڏيهي ادب مان ناياب ادبي موتين کي ڏيهي ويس پهرائي انوکي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڏاهپ کان چڱي ريت واقفيت رکندو هو، انهيءَ جي پيش نظر ۱۹۱۸ع ۾ هڪ انگريزي ناول 'اپ فرام سليوري' (Up from Salvery) جو ترجمو 'غلاميءَ کان مٿي' جي عنوان سان ڪيو. اصل ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ تحرير ٿيل هي ناول Booker T. Washington جو لکيل هو. هن ناول جي ڪهاڻي هڪ غلام ۽ غريب ڇوڪر جي غربت بابت آهي، جيڪو پنهنجي محنت ۽ جدوجهد سان ڪاميابي حاصل ڪري پنهنجي زندگي سڌاري ٿو ۽ وڏن لوڪن سان ڳانڍاپا قائم پڻ ڪري ٿو.

ديوان ڪوڙيمل بنگالي ٻوليءَ مان پهريون ناول سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو سو هو 'چندر مکي' پر افسوس سندس ديهانت جي ڪارڻ پاڻ اهو ڇپرائي ڪونه سگهيو پر سندس اڌورو ڪم ۱۹۱۸ع ۾ ماستر ٻگيمل تلسيداس ڇپايو هو.

۱۹۲۰ع ڌاري مرزا قليچ بيگ Jonathan swift جي ڪهاڻي (Gulliver's Travels) جو ترجمو 'گليور جو سير ۽ سفر' جي نالي سان ترجمو ڪيو.

۱۹۲۰ع ۾ ڄيٺا ٽڏيمل، رينالڊس جي ٻن دکدائڪ ناولن 'جوزلمٽ' ۽ 'ميري پرائيس' جو اثرائتي ۽ موثر انداز ۾ ترجمو ڪيو. پهرئين ناول ۾ هڪ نوڪر جي آتم ڪهاڻي ۽ ٻئي ۾ هڪ نٽيءَ جي آتم ڪهاڻي بيان ڪيل آهي.

مرزا قليچ بيگ ۱۹۲۲ع ۾ Demel Defoe جو تحرير ڪيل ناول Robinson Crusoe جو ساڳئي عنوان 'رابنسن ڪروسو' جي نالي سان ترجمو ۽ 'سئنڊ فورڊ اينڊ مرٽن' جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو اصل ٿامس- ڊي جي جو تحرير ڪيل هو.

پروفيسر موتومل گدواڻي جا ٻه مکيہ ناول شايع ٿيا، هڪ مشهور فرانسيسي ناول نويس Hugo جو Les Miserables تان 'دکي انسان' (۱۹۲۲ع) ۽ ۱۹۲۳ع ۾ سندس ٻيو ناول هندستان جي اڳوڻي وائسراءِ Land Layton جي ناول 'زٽنوني' جو ترجمو هو.

۱۹۲۴ع ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي رينالڊس جي هڪ ناوليٽ 'Young Fisherman' جو 'گم ٿيل صندوقڙي' جي نالي سان بهترين نموني ترجمو ڪيو.

۱۹۲۰ع ۾ مرزا قليچ بيگ ’ڪامل انسان‘ جي نالي سان ناول ترجمو ڪيو. ان ناول ۾ متقي پرهيزگار ۽ خدا جي نيڪ ٻانهن جون سموريون وصفون بيان ڪيون ويون آهن.

۱۹۲۱ع ۾ ليلارام ولايت راءِ هڪ اصلاحي ناول لکيو، جنهن جو نالو ’دينسري جي آکهه‘ ۽ سن ۱۹۲۲ع ’هئليبرٽن جا جاڪرا‘ (Halliburton's Troubles) انگريزي اصلاحي ناول جو ترجمو ڪيو. ۱۹۲۳ع ۾ ’ديوان دلپتراءِ جي آکهه‘ نالي ٽيون ناول ترجمو ڪيو. اهي ٽئي ناول گهريلو ماحول ۽ اصلاحي پهلوئن تي ٻڌل هئا.

۱۹۲۳ع تائين عبدالخالق مورائي جا ٽي ناول شايع ٿي چڪا هئا. ’سندري‘، ’چترپتي‘ ۽ ’ستي جي سيتا‘ اهي ٽئي ناول سنڌ جي آڳاٽي تاريخ جي پس منظر ۾ تحرير ڪيل آهن. انهن ۾ راجا ڏاهر ۽ راجا چچ جي دؤر جي واضح طور تي عڪاسي ڪيل آهي.

سندري ناول جي مهاڳ ۾ عبدالخالق مورائي پاڻ لکي ٿو ته، ”هن ناول ۾ تاريخي واقعن ڪانسواءِ عبارت تمام عمدي پيش ٿيل آهي.“(۸)

۱۹۲۴ع ۾ ڪيول گوپال رام، مهاراج گنگارام روچيرام شرما جي ناول ’ستي لڪشمي‘ جو ترجمو ڪيو.

۱۹۲۵ع ۾ مهراج وشنو شرما جا ٻه اصلوڪا ناول شايع ٿيا هئا. ’ستي جو تياڳ‘ ۽ ’سنڌ جو نوڳي‘ اهي ٻئي سماجي ناول هئا.

۱۹۲۵ع ۾ مرزا قليچ بيگ ’سئنڊ فرڊ ۽ مرٽن‘ انگريزي ناول جو ترجمو ڪيو، جيڪو اصل ٿامس- ڊي- جي جو لکيل هو.

ليلارام ولايتراءِ مشهور انگريز ليکڪا Mrs. Henry Wood جو ’ايسٽ لِن‘ ۱۹۲۶ع ۾ ترجمو ڪيو ۽ ۱۹۲۷ع ۾ مشهور انگريزي مصنف Sir Walter Scott جو لکيل ناول The Heart of Midlothian بهترين نموني ’دلير دل نينگر‘ جي نالي سان ترجمو ڪيو.

۱۹۳۰ع ۾ صاحب سنگهه شاهاڻي مشهور انگريزي مصنف Thomas Hardy جو ناول The Mayor of Caster bridge جو ترجمو ’بلو کوکر‘ جي نالي سان ۽ ساڳئي ليکڪ جو ٻيو ناول Two on a Tower ’تارن جي اپياس‘ جي نالي سان ترجمو ڪيو، ناول اخلاقي ۽ تعليمي هو.





۱۹۲۵ع ۾ لالچند امر ڏني مل جرمن ناول نگار ايبهر جي ناول ’Hearts of Gold‘ جو ’سون ورنيون دليون‘ جي نالي سان ترجمو ڪيو. ان ناول ۾ سهڻي ۽ اعليٰ اخلاق جي اپٽار ڪئي وئي آهي. ان بعد اصلوڪو ناول ’سچ تان صدقي‘ پڻ تحرير ڪيو.

۱۹۲۶ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو ناول ’نيلو پکي‘ شايع ٿيو ۽ چينمل پرسرام نگراجاڻي جو قومي ناول ’ٻڌل ٻيڙي‘ منظر عام تي آيو. ان ساڳئي سال بنڪم چندر جو ملڪي قانون راڄنيتي ناول ’آنند مٺ‘ هو (جنهن ۾ سندس مشهور قومي گيت ’بندي ماترم‘ ڏنل آهي)، ساڳئي ئي نالي سان مهراج ديودت ڪندارام ترجمو ڪيو.

۱۹۲۶ع تي نانڪرام ڌرمداس انگريزي ٻوليءَ ۾ تحرير ٿيل گهريلو ناول جو ’آدرش ناري‘ جي نالي سان ترجمو ڪيو.

ليلا رام ولايت راءِ ۱۹۲۷ع ۾ سر والٽر اسڪالٽ جي ناول ’Hearts of Milothion‘ جو انگريزيءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ’دلير نينگر‘ جي عنوان سان ترجمو ڪيو. هي ناول اصلاحي ناول آهي.

۱۹۲۸ع ۾ مرزا علي نواز جو ناول ’انتقام‘ شايع ٿيو، هي تاريخي ناول آهي، جنهن ۾ امامن واري جنگ جو تذڪرو ڪيل آهي، ان ساڳئي سال مهاراج موهن لال ليلارام شرما جو ’وير جوڙا مٽي‘ شايع ٿيو.

۱۹۲۹ع ۾ غلام احمد نظاماڻي ’حور دمشق‘ نالي ناول لکيو، جنهن ۾ خليفہ اول حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي عهد خلافت ۽ ٻين اسلامي واقعن کي سهڻي ۽ دلچسپ انداز سان بيان ڪيو ويو آهي.

چينمل پرسرام، شيڪسپيئر جي ٻن مشهور ڊرامن Tempest ۽ Measure for Measure پهرين کي ’طوفان‘ ۽ ٻئي کي ’حسابي حساب‘ جي نالي سان ناول جي ٽيڪنيڪي روپ ۾ منظر عام تي آندو.

۱۹۲۹ع تي پادري فرار جي مشهور اسڪولي زندگي تي ٻڌل ناول (Eric) جو ’نازڪ گلڙ‘ جي عنوان سان ترجمو ڪيو ويو.

۱۹۳۰ع ۾ محمد صديق ميمڻ جو ’حياتي جو پهريون دور‘ نالي ناول شايع ٿيو جيڪو، هڪ اردو ناول تان ورتل هو، منجهس ان دؤر جي گهريلو ۽ سماجي مسئلن جي عڪاسي ٿيل آهي. ساڳئي سال هرجس راءِ سڪراماڻي ’ٻه پائر‘ جي عنوان سان طبعزاد

ناول لکيو ۽ لالچند امر ڏني مل جڳتياڻي 'دکي انسان' جي نالي سان هڪ انگريزي ناول جو ترجمو ڪيو.

ناول جي ٻئي دور ۾ اصلاحي، سماجي، مذهبي ۽ گهريلو ناول ترجما ۽ تحرير ٿيا. انهن ناولن جي منظر عام تي اچڻ سان معاشري جي اصلاح ۽ ڏيتي ليتي ۽ هندو سماج ۾ ستيءَ جهڙي اهم مسئلن کي وائکو ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن جي نفسياتي پهلوئن کي پڻ اجاگر ڪيو ويو.

هن دؤر جا ناول هندو ۽ مسلم سماج ۾ جنم وٺندڙ معاملن ۽ نوجوان نسلن جي مستقبل ڏانهن وڌندڙ قدمن کي همٿائڻ جي راهه هموار ڪرڻ ۾ معاون ثابت ٿيا. مذهبي پرچار ۽ نيڪ صفت انسانن جي خوبين کي ناول جي صورت ۾ وائکو ڪيو ويو.

**ٽيون دور: (۱۹۳۱ع- ۱۹۴۷ع)**

ناول نويسيءَ جي ٽئين دور ۾ طبعزاد ناولن کان وڌيڪ ترجما ڪيل ناولن جو تعداد گهٽيو رهيو. هن دور ۾ مختلف موضوعن تي ناول تحرير ۽ ترجمو ڪيا ويا جنهن مان وقت، حالت ۽ ذهني ڪيفيتن ۽ فڪري سوچ ۽ تاريخي واقعن ۽ سماج ۾ اڀرندڙ مسئلن کي حقيقت نگاري جي انداز ۾ وهايو ويو ۽ ڪن ناولن ۾ مُدي خارج روايتن جي جهلڪ کي محسوس پڻ ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ عبدالرزاق راز، اصلوڪو ناول 'جهان آرا' (۱۹۳۱ع) ۾ تحرير ڪيو. حقيقت نگاري جي زمري کان ٻاهر ۽ مافوق الفطرت جي ويجهو هو. جنهن بابت منگهارام ملڪاڻي لکيو آهي ته، "هن نئين زماني جو پهريون دليان ناهيل عبدالرزاق عبدالسلام جو 'جهان آرا' ۱۹۳۱ع ۾ نڪتو هو. ان ناول جي سورمي جيتوڻيڪ هڪ لائق ۽ وفادار عورت هئي ۽ ان جي عبارت پڻ سهڻي ۽ عالماڻي هئي ليڪن ان جا ڪي ڪردار ۽ واقعا غير حقيقي بلڪ ڪرامتي هئا. جنهن ڪري هيءَ ناول حقيقت نگاري جي ڪسوٽيءَ تي لهي نٿو سگهي."(۹)

۱۹۳۱ع ۾ ميلارام واسواڻي حقيقت نگاري تي ٻڌل ناول جي ابتدا نئين جڳ جي هندي افسانا نويس جي باني منشي پريم چند جي سماجي ناول 'نرملا' جي ترجمي سان ڪئي ۽ ۱۹۳۴ع ۾ ساڳئي ليکڪ جي سماجي ناول 'خوني سماج' جو ترجمو ڪيو.





۱۹۳۳ع ۾ شيوڪ پوڄراج هڪ بهترين ۽ اعليٰ طبعزاد ناول 'آشيرواد' تحرير ڪيو، جيڪو حقيقت نگاري تي ٻڌل هو. شيوڪ پوڄراج ساڳئي رمز تي ۱۹۳۴ع ۾ اسڪول جي پسگردائي ۾ شاگردياڻي جو ماستر سان ڳانڍاپي کي 'دادا شيام' ناول ۾ وائکو ڪيو. هي ناول ان وقت جي حالتن جي ڀرپور نموني عڪاسي ڪري ٿو.

۱۹۳۷ع ۾ ميلارام واسواڻي، منشي پريمچند جو سماجي ناول 'سوشيلا' ۽ 'چندر چڪور' جو بهترين ۽ منفرد انداز ۾ ترجمو ڪيو ۽ اڀرندڙ سماج ۾ نازڪ مسئلن ۽ ڳنڀيرتا کي وائکو ڪيو ويو. ساڳئي سال روچيرام سڏاڻي هڪ سماجي ناول نما قصو 'آزاد خيال زالون' جي عنوان سان تحرير ڪيو. ان ناول ۾ هن وڌوا جي شادي جي حمايت ۽ ڏيتي ليتي جي خلاف اثرائتي انداز ۾ لکيو آهي.

۱۹۳۸ع ۾ ڪماري گلي ڪرپلاڻي ٽئگور جو 'ڪورا' سهڻي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو هڪ بهترين ۽ اعليٰ سماجي ۽ قومي ناول هو.

۱۹۳۹ع ۾ پروفيسر رام پنجواڻي مشهور انگريزي ناول نويس هال ڪين جي ناول 'Eternal city'جو 'پدما' جي عنوان سان ترجمو ڪيو، جيڪو هندستان جي سماجي ۽ سياسي پس منظر جي عڪاسي ڪري ٿو. ساڳئي سال تيرٿ سياڻي انگريزي ليکڪا بارٿا ڪلي جي ناول Golden Heart جو 'اچل پريم' جي عنوان سان ترجمو ڪيو.

۱۹۴۰ع ۾ پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي، ٿامس هارڊي جي شاهڪار ناول Tess of the Durbervilles جو 'پاپ ۽ پاڪيزگي' جي عنوان سان اثرائتي ۽ نصيحت آميز انداز ۾ ترجمو ڪيو.

هن ناول جي باري ۾ مترجم پاڻ لکي ٿو ته، "هن ڪتاب جو بنيادي ويچار ڪهڙو آهي، پاپ جو مدار آهي، پاپ ڪندڙ جي ڀاونا ۽ سندس نيت تي انسان جي جيڪڏهن صرف ٻاهرين رهڻي ڪهڻي پاڪ آهي، ته اهو ڪافي نه آهي، رهڻي کان وڌيڪ ضرورت آهي ته سندس خيالن ۾ ڪو به ناپاڪ جزو نه هجي."(۱۰) نارائڻ ڀنياڻي جي ناولن جا موضوع عام انسانن ۽ سماج ۾ اڀرندڙ معاملن ۽ فلسفيانا، اخلاقيات ۽ نصيحت آميز هئا.

۱۹۴۱ع ۾ آسانند مامتوراءِ، فلسفيانا رمزن ۾ رومانوي رنگ ۾ رنگيل ناول 'شاعر' تحرير ڪيو، جنهن جي سگهند پڙهندڙن کي معطر ڪري ڇڏي ٿي. ان سلسلي ۾

منگھارام ملڪاڻي لکيو آهي ته، "هن جهڙو آدرشي ناول سنڌ ۾ ڪوبه ڪونه نڪتو جو پڙهندڙن کي ڌرتي جي ڌوڙ مان مٿي ڪڍي عرش ۾ پيو اڏائي منجهس ڪشمير جي فردوسي واديءَ جا بيان ۽ گهرا فلسفياڻا ويچار، موزون ۽ مائيدار سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪيل هئي جنهن ۾ هندي فارسي لفظن جو خوش آواز ميلاپ هو، هن ناول ۾ ڪردارن جي خاص طور تي هندو نائڪ جي، جو مسلمان ڪشميري ڇوڪريءَ سان پيار ۾ ٿو پوي، من کوجنا ايتري نه اونهي ڪيل هئي، ٻئي پاسي ظاهر واقعا اهڙا ته ماٺا ماٺا آندل هئا، جو ائين ڪٿي چئجي ته جيڪا به ڪارروائي هن ناول ۾ هئي، سان اندر جي اونهاڻ ۾ ٿِي ٿي. سنڌي ساهت ۾ هي پهريون منوو گيانڪ (Psychological) ناول هو، جنهن ثابت ڪري ڏيکاريو ته حادثن ۽ اتفاقن بدران، صرف سيرتن تي پڻ دلپزير ناول ٻڌي سگهجن ٿا."(١١)

پهرين سنڌي ناول نويس خاتون محترمه گلي سدا رنگاڻي جنهن ڪماري ڪريالاڻي جي نانءُ سان ٽئگور جي ناولن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو، هن محترمه 'اتحاد' عنوان سان هندو ۽ مسلم گهراڻي جي ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي غير مذهبي ميلاپ کي واکو ڪيو ۽ انهيءَ جي ڪارڻ ٻنهي ڌرمن جي سماج ۾ هلچل مچائي ڇڏي، هن ناول ۾ مڪمل طور تي آزاديءَ جي انقلابي لهر نمايان انداز ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

١٩٤٢ع ۾ ديارام، شرت چندر جا ٻه مکيه ڪتاب 'چنگاري' ۽ 'سدا سهاڳڻ' سليس سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. ساڳئي سال مولچند مسافر معروف آمريڪن ناول نگار پرل بڪ جي جي چيني زندگي تي ٻڌل ناول (Good Earth) جو 'ڌرتي ماتا' جي عنوان سان ترجمو ڪيو. ساڳئي سال ۾ نارائڻداس ڀمڀاڻي جو پهريون طبعزاد ناول 'مالهڻ' منظرعام تي آيو. ان ۾ مدي خارج رسمن، خودڪشي ۽ نفسياتي ڪشمڪش واري وارتا سان گڏوگڏ فڪر ۾ مفڪراڻيون رمزون پڻ شامل هيون. ساڳئي ناول نويس ١٩٤٣ع ۾ 'وڌوا' ناول تحرير ڪيو، هي بهترين ۽ اثرائتو ناول هو، جنهن ۾ هڪ پڙهيل، تعليم يافتا هندو وڌوا جي ڏکن ۽ تڪليفن کي موثر انداز ۾ وائکو ڪيو ويو آهي. نارائڻ صاحب ١٩٤٦ع ۾ 'غريبن جو ورثو' ناول تحرير ڪيو، جيڪو ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ رچيل آهي.

نارائڻ داس ڀمڀاڻي، سماج ۾ انهن ڪردارن کي وائکو ڪيو آهي، جيڪي معاشري ۾ بي وسيءَ جي حالت ۾ پنهنجي زندگي گذارين ٿا، تنهن ڪانسواءِ سنڌي





ماحول جي مڪمل طور تي منظر ڪشي ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ٻولي سادي ۽ عام فهم، ويچارن، اُمنگن ۽ خواهشن سان ٽمٽار آهي ۽ پڙهندڙن کي متاثر ڪندڙ آهي. اها ئي نارائڻ صاحب جي ناولن جي خوبي آهي.

١٩٤٧ع ۾ ڪماري اندرا هيمراجاڻي راڌا ڪرشن پرساد جي هندي ناول 'شارڌا' جو ترجمو ڪيو ۽ تنهن ڪانسواءِ انگريزي ناول out of Bilterness جي هندي تان سنڌيءَ ۾ 'ٻه دليون' جي عنوان سان ترجمو ڪيو. ساڳئي سال پروفيسر رام پنجواڻي قومي تحريڪ تي ٻڌل 'چانديءَ جو چمڪو' ناول لکيس.

١٩٤٧ع ۾ گوبند مالهي طبعزاد قومي ناول 'انقلابي شاهراهه' ناول لکيو ۽ ٻيو ناول 'آنچل' ترجمو ڪيو. ساڳئي سال محمد عثمان ڏيپلائي جا ڪيترائي ناول شايع ٿيا، جن ۾ 'شريعت محمدي'، 'آخري اميد'، 'شهيد ڪربلا'، 'غازي اورنگزيب'، 'اعمال'، 'مظلوم شهزادو'، 'انجام الفت' وغيره شامل آهن.

مٿي ڄاڻايل ناولن ۽ ناول نويسن ڪانسواءِ ٻين گھڻن ئي ناول نگارن، سماجي، اخلاقي، رومانوي، سياسي، تاريخي، واقعاتي حادثاتي ۽ نصيحت آميز ناول تحرير ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ ناول نويسن پنهنجي فن ۽ فڪر جي مدد سان معاشري ۾ ايرندڙ مسئلن، معاملن ۽ ڳنڀيرتائن جي مڪمل طور تي عڪاسي ڪئي آهي.

**نتيجو:**

مجموعي طور تي ڏٺو وڃي ته، انگريزن جي حڪومتي دور ۾ ناول جي ٽنهي دورن ۾ ناول جي فني ۽ ٽيڪنيڪي اوسر ٿي، جنهن سان اُن دور جي ابتدا کان وٺي انتها تائين ناول جي فن ۽ فڪر ۾ پختگي نمايان ٿي. هر هڪ ليکڪ يعني ناول نويس کي پنهنجي سوچ، فڪر ۽ ڏاهپ سان پنهنجي فن ۾ مڪمل آزادي ميسر هئي ۽ معاشري ۾ ايرندڙ هر مسئلي تي قلم آرائي ڪئي وئي، يعني انگريزن جي دور ۾ ناول جي صنف سنڌي ادب ۾ آئي ۽ ان جي ترقي ته ٿي پر گڏوگڏ وقت سان گڏ مسئلن ۽ مونجهارن کي پڻ وائکو ڪيو ويو. آزاديءَ جي تحريڪ گهڻن ئي سنجيده ذهنن کي متحرڪ ڪيو، جنهن جي اثر جي تحت انقلابي، بغاوتي ۽ جذباتي طرز تي ناول تحرير ۽ ترجمو ڪيا ويا.

# حوالا


١. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي صورتخطي‘، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد (سنڌ)، ١٩٩٣ع، ص: ٩٥.

٢. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ناول جي مختصر تاريخ‘، پيڪاڪ پرنٽرس ڪراچي (سنڌ)، ٢٠١٢ع، ص: ٤٦.

٣. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، ’سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٢ع، ص: ١٥٢.

٤. مرزا قليچ بيگ شمس العلماء، ’دلارام‘، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد (سنڌ)، ١٩٥٨ع، ص: الف.

٥. ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد (سنڌ)، ٢٠٠٧، ص: ٢٧

٦. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، ’سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٢ع، ص: ١٦٧.

٧. ساڳيو، ص:١٦٣.

٨. ساڳيو، ص:١٦٦.

٩. ملڪاڻي منگهارام، پروفيسر، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد (سنڌ)، ٢٠٠٧ع، ص: ١٠١.

١٠. ٻمڀائي ناراڻداس ميوارام، ’پاڪ ۽ پاڪيزگي‘، سنڌي ساهت منڊل حيدرآباد (سنڌ) ١٩٤٥ع، ص: مهاڳ.

١١. ملڪاڻي منگهارام، پروفيسر، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد (سنڌ)، ٢٠٠٧ع، ص: ١٠١ ۽ ١٠٢.